مارچ ۱۹۳۸ع

# سنڌو

ايڊيٽر:- بولچند وسومل راجپال

چندو چار روپيه     قيمت :- چهه آنا

# ايشن انشورنس ڪمپني لميٽيڊ

برپا ٿيل ١٩١٠ع — هيڊ آفيس بمبئي

## خاص خوبيون:-

دائما بيڪاريءَ ۾ سهائتا

گهر ٺاهڻ لاءِ سهائتا

گولڊن (سون ورني) پاليسي

ٻيڻي ٽيڻي ٻٽي پاليسي

اتفاقي موت لئي ٻٽي رقم

ايجنٽ جون ڪميشنون دائما چالو

لکپڙهه ڪريو:-

**پرسرام وشنسنگهه ٺهراماڻي بي-اي.**

برانچ سيڪريٽري سنڌ ۽ بلوچستان

چيف ايجنٽ:-

**راجپال ۽ ڪمپني شڪارپور سنڌ**

آرگنائيزر:-

**لکميچند نارائڻداس ڪراچي.**


---


# دي لڪشمي

[ برپا ٿيل ١٩٢٤ع ۾ ]

**جا سڀني حياتين جي ويمي ڪمپنين جي سرمور آهي.**

ٿون ڪم ٣٠-اپريل ١٩٣٧ع تائين مليل ١،٥١،٠٠،٠٠٠ روپيه

[ هڪ ڪروڙ ۽ ايڪونجاهه لک ]

**بونس:-** دائمي حياتيءَ جي پاليسيءَ تي هڪ هزار تي ويهه روپيه سال ۾

مدي واريءَ پاليسيءَ تي هڪ هزار تي ١٦ روپيه سال ۾

ڪليمن جي جلدي نيڪال ڪرڻ ۾ مشهور، جنهنجون برانچون ساري هندوستان، برما ۽ ساؤٿ آفريڪا ۾ آهن.

ڪراچي ۾ بندر روڊ تي ڪمپني لاءِ عمدي ڇهه ماڙ جاءِ تيار ٿي رهي آهي جنهن تي اٽڪل پنج لک روپيه خرچ لڳي ويندو.

وڌيڪ حقيقتن لاءِ لکپڙهه ڪريو:- برانچ سيڪريٽري

**لڪشمي انشورنس ڪمپني لميٽيڊ بندر روڊ ڪراچي.**

# فهرست


| نمبر | ليکو | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١ | بيت | مراد فقير | ١ |
| ٢ | ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو رسالو | ڀيرومل مهرچند آڏواڻي | ٢ |
| ٣ | ڪانگريس پريزيڊنٽ جي تقرير | ... ... ... | ١٠ |
| ٤ | ڪرنل لارينس | مولائي شيدائي | ١٧ |
| ٥ | ڀارت جي پراچين وديا | ميلارام منگترام واسواڻي | ٢١ |
| ٦ | ڪافي | فقير نظرعلي | ٢٨ |
| ٧ | هندوستان بنسبت ڪي انگ اکر | پروفيسر گهنشيام جيٺانند شوداساڻي | ٢٩ |
| ٨ | نازنين | هري - جي - دياني (دلگير) | ٣٨ |
| ٩ | ڪافي | ميان يوسف فقير | ٤٠ |
| ١٠ | پريم ساگر (آڪاڻي) | جيٺانند رگهومل (بيتاب) | ٤١ |
| ١١ | ماضي ۽ حال (شعر) | ڪيمَلداس وليرام بيگواڻي (فاني) | ٤٧ |
| ١٢ | ننڍڙي پشپا | پروفيسر ڪي - اين واسواڻي، ايم - اي | ٤٨ |
| ١٣ | سچ (شعر) | سامي صاحب | ٥٠ |
| ١٤ | سرڪاري نوڪري | بي - ڊي گربخشاڻي، بي - اي | ٥١ |
| ١٥ | فيڊريشن آهي ڪهڙي بلا؟ | پرڀوُ - ايم - گرباڻي، بي - اي | ٥٧ |
| ١٦ | ٻڌ جو تياڳ (شعر) | ڏيونداس ڪشناڻي (آزاد) بي - اي | ٦٠ |
| ١٧ | ٻڪر واشنگٽن | مرحوم مرزا قليچ بيگ | ٦٧ |
| ١٨ | پاڻ سڃاڻ (شعر) | بيدل فقير | ٧٠ |
| ١٩ | ڪوهه تي (شعر) | هري - جي - درياني (دلگير) | ٧١ |
| ٢٠ | يورپ جون ڪي عجيب ڳالهيون | سورج ديوسنگھ | ٧٢ |
| ٢١ | من جي مڇلائي (شعر) | سوڀراج نرملداس (فاني) | ٧٥ |
| ٢٢ | سمالوچن | | ٧٦ |
| ٢٣ | نيوز نوٽس ۽ ڪمينٽس | | ٧٧ |



**اوهان ورتو آهي؟ مهاتماگانڌي ۽ جو تازو لکيل "برهمچريه" ڪتاب.**
**قيمت فقط چار آنا. معرفت "سنڌو آفيس" ميان جو ڳوٺ**



هيءَ اخبار مسٽر بولچند وسومل راجپال بي - ايس سي "راجپال پريس" ميان جي ڳوٺ ۾ ڇپي پڌري ڪئي.




سال ۷ ] مارچ ۱۹۳۸ع [ انڪ ۷۵

## بيت

۱- دنيا ڪارڻ دين کي ٽوڙ سيو وساريئن،
ڪٺي بازي بانورا هٿين تو هاريئن،
ماري من مراد چئي جي وحدت ڏي واريئن،
ته هوند جاڏي نهارين تاڏي سڄڻ پسين سامهان.

۲- تن پرين من پرين چئه پرين دل يار،
اندر باهر سپرين وٽ نه آهي وار،
اکين منجهه مراد چئي پيو ڪونه ڦيرين ڏار،
جاڏي ڪريان نهار تاڏي سڄڻ پسان سامهان.

۳- تون آهين تئن پرين سان جئن پاڻي ۾ ماڪ،
ڦوڙائو فراق توکي ڪونهي مُور مراد چئي.

۴- تون آهين تئن پرين سان جئن پاڻي ۾ پارو،
هي پس ۾ پسارو جو آهي مڙو محب مراد چئي.

(مراد فقير)

# ڪرنل لارينس

ليکڪ:- مولائي شيدائي

عالمگير جنگ جي شروعات وقت هندستان تي حملي ڪرڻ لاءِ ترڪي ۽ جرمن جنگي وزارت هڪڙي پاسي ايران نار تائين پهچڻ لاءِ برلن بغداد ريلوي لائين کي تيار ڪرڻ ۾ رڌل هئي ته ٻي پاسي سندن فوجون جمال پاشا ۽ وان ڪريسٽ جي مهنداري هيٺ انگريزن جي پٺيءَ جي ڪنڊي کي ڀڃڻ لاءِ سوئيز ڪئنال تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. فيلڊ مارشل لارڊ ڪچنر مٿين ڪارروائين متعلق انگريزي جنرل اسٽاف جي ميمبرن کي اڳيئي خبر ڏئي چڪو هو. پر دنيا ڏٺو ته عالمگير جنگ لڳڻ کان ٿورو وقت پوءِ اوچتو عربستان جي رڻپٽ مان هڪڙو اهڙو ڀيانڪ طوفان آيو جنهن نه رڳو جرمن ۽ ترڪن جو عربستان، فلسطين ۽ شام مان لڏو ويڙهي ڇڏيو پر جيروسلم (بيت المقدس) جو قديم مذهبي شهر جنهن جي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪو زمانو يورپ وارن ڪروسيڊ مذهبي جنگيون جوٽيون هيون لڏهنتي انگريزي فوجن قبضو ڪري ورتو. عربن ۾ انقلاب پيدا ڪندڙ پر اسرار شخص ڪرنل ٽامس ايڊورڊ لارينس هو جو عام طور ڪرنل لارينس سڏبو هو. اصل آئرلينڊ جو رهاڪو هو پر سندس رڳن ۾ انگريزي، اسڪاچ ۽ اسپينش خون موجود هو. سندس وڏن وڏن ڪروسيڊ جي جنگين کانسواءِ ١٨٥٧ واري هندستاني بلوه ۾ حصو ورتو هو. شاگردي جي وقت ۾ لارينس کي علم تواريخ، شاعري ۽ آثار قديمه سان گهڻي دلچسپي هئي. آڪسفورڊ ۾ بي-اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو هڪڙي تحقيقاتي ڪاميٽي سان گڏ جي پئلسٽائين، شام ۽ عراق ۾ قديمي آثارن جي ڳولا ڪرڻ لاءِ نڪتو. مٿين سفر ۾ هن اُتي جي رهاڪن جي رسمن ۽ عادتن مان گهڻي واقفيت حاصل ڪئي. جرمن انجنيرن کي ترڪي علائقن ۾ رستا تيار ڪندو ڏسي هن سهي ڪري ورتو ته ضرور ڪا جنگ لڳڻي آهي جنهن لاءِ اڳيئي جرمن تياريون ڪري رهيا آهن. هي ڳالهيون ڳهرو هو جڏهن لارينس سموريون دلچسپيون ڇڏي ڪري انگريزي سلطنت جي بچاءَ جي فڪر ۾ لڳي ويو. ١٩١٣ ۾ هو سفر کان فارغ ٿي آڪسفورڊ موٽيو ۽ جيڪي شيون هٿ ڪيون هوائين سي اتي جي عجائب خاني جي حوالي ڪيائين. جنگ جي شروعات

گھٽائي تواريخي حالات هٿ ڪيا هوا پر افسوس جو جنهن گوڏري ۾ سندس ڪاغذ رکيل هيا سا آڪسفورڊ ۾ ڪو شاهينگ چورائي ويو. جيڪڏهن سندس حالات ڇپجن ها ته شايد يورپ وارن کي عربستان جي آثار قديمه متعلق وڏيءَ معلومات جو ذخيرو هٿ اچي وڃي ها، ڇاڪاڻ جو عربستان جي آثار قديمه متعلق هن اڳوڻن يورپي سياحن جهڙوڪ مسٽر برٽن (Burton) ۽ ڊفي (Doughty) کان وڌيڪ تحقيقات ڪئي هئي. آخر لنڊن کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي هڪڙي جهوپڙيءَ ۾ ويهي هن عربستان تي هڪڙو ڪتاب تيار ڪيو جو برٽش ميوزم ۾ رکيل آهي. ڪتاب ايترو قدر مفيد هو جو رڊيارڊ ڪپلنگ (Rudyard Kipling) ۽ برنارڊ شا Bernard- Shaw جهڙن اديبن جو چوڻ آهي ته لارينس جو ڪتاب انگريزي لٽريچر ۾ مصر جي اهرام (Pyramid) وانگر حيثيت رکي ٿو. مٿين ڪتاب کانسواءِ يورپ جي ٻين يورپ جي ڄاڻن (Orientalists) وانگر هن چارلس مانٽيگوڊفي جي مشهور سياحت نامه (Travels in Arabia Deserta) جو مهاڳ (Arabia Deserta) نالي لکيو جو بيحد پسند آيو. غرض لارينس جي زندگي الف ليلي جي آکاڻين وانگر پراسرار آهي. هو اديب به هو، سياح به هو، فاتح به هو، جاسوس هو ۽ مورخ به هو. سندس درجو تواريخن ۾ مارڪو پولو، ڪلائيو ۽ جنرل گارڊن جهڙو ليکجڻ ۾ اچيٿو. هي اهو شخص هو جنهن قيصر وليم ثاني جي ورهين جي محنتن ۽ اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.



۽ مون وٽ آهي پر اهو خزانو هندوستان ۾ لڪو پيو آهي، سا سڌ ڪانهي. ان خزاني ڳولڻ لاءِ مون کي هڪ پيرو وري اُن وچتر ديس جي مسافري ڪرڻي پوندي.

زال مڙس ۾ ان ڳالهه تي ڪيترو وقت بات چيت ٿيندي رهي.

اُن تاڙ جي پن جي ڪهاڻي هن ريت آهي:—

ڊاڪٽر رين کي هندوستان جي پراچين سڀيتا ۾ ڏاڍي شرڌا هئي. کيس وشواس هو ته هاڻوڪي وگيانڪ دنيا به ان مان ڪجهه پرائي سگهي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جڏهن سٺ لاءِ هندوستان آيو هو تڏهن سندس اڳيان هيءَ به اُديش هو ته هو ڀارت ورش جي ڪنهن پراچين وستو جي کوجنا جي ڪوشش ڪندو.

انهن ڏينهن ۾ مغلن جي راڄ جي پڇاڙي ٿي چڪي هئي ۽ انگريز لوڪ ندي جي وهڪري وانگر وڌندا ٿي ويا. ڊاڪٽر رين جو هڪ انگريز دوست انهن ڏينهن ۾ مدراس طرف ريونيو ڪليڪٽر هو. هڪ ڏينهن ڪل چرچي ۾ پنهنجي دوست کي کوجنا جو شوق ڏسي هن اهو تاڙ جو پن کيس ڏنو هو. ڪليڪٽر کي اهو تاڙ جو پن ٿورا ڏينهن اڳ ڪنهن ڳوٺ جي ٻاهران اُڏامندو هٿ لڳو هو. ڊاڪٽر صاحب اهو پن ڏاڍي سنڀال سان سانڍي رکيو. واپس موٽندي جهاز ۾ گهڻو وقت هوا ان پن جي کوجنا ۾ لڳا پيندو هو.

هڪ ڏينهن اوچتو کيس ان تاڙ جي پن ۾ هڪ نئين ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي. انهن ڏينهن ۾ يورپ ۾ ڌاتو ٺاهڻ جا وڏا ڪارخانا ڪونه هوا. دهلي ۾ لوهه جي ٿنڀي کي ڏسي هو حيران هوا ته ڀارت واسين هيڏو لوهه جو ٿنڀو ڪئن ٺاهيو آهي. اڄ اوچتو کيس سمجهه ۾ آيو ته تاڙ جي پن تي ڌاتو ٺاهڻ جي ترتيب لکيل آهي. ڊاڪٽر جي خوشي جي حد نه رهي. جيڪڏهن اُن وقت ڪو ٻيو ماڻهو سندس ڪوٺيءَ ۾ هجي ها ته هو کيس ان حالت ۾ ڏسي پڪ سمجهي ها ته ڊاڪٽر جي ڪل ڦري آهي. ان خوشي گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪيو جڏهن ڊاڪٽر ارمان سان ڏٺو ته هن اڪيلي پن مان مطلب سڌ ٿي ڪين سگهندو. هيءَ ته ڪنهن پستڪ جو هڪ پنو آهي. سڄي پستڪ هٿ ڪرڻ بنا هي پن سندس ڪنهن ڪم جو نه هو. ان هوندي به کيس پڪو ڀروسو هو ته ٿوري ڪوشش وٺڻ سان هو سارو ڪتاب هٿ ڪري سگهندو. اهو خيال کيس اڃا به خوش ڪري رهيو هو.

( ۲ )

سن ١٧٩٣ع جي ڊسمبر مهيني ۾ پئرس ۾ انتر راشٽريه پراچين کوجنا جي مهاسڀا جو ميڙ ٿيو. انهن ڏينهن ۾ اهو ڪم بلڪل زور هو. اهڙي قسم جون يورپ ۾ ٿي سڀائون هيون. انهن ٿنهي

## واڌ ۽ آسودگي

هندوستان ۾ گذريل ڏهن سالن ۾ اٽڪل سوا ٽي ڪروڙ آدم وڌيو ته برابر آهي، پر هاڻوڪين حالتن ۾ اهو ڪو خوشيءَ جو سبب آهي ڇا؟ خوشيءَ جو سبب تڏهن ٿئي جڏهن ماڻهن جي واڌ سان گڏ آسودگيءَ جي به واڌ ٿئي. پر جيڪڏهن ماڻهو وڌيا ۽ آسودگي نه وڌي ته پوءِ ماڻهن جي واڌ مان ڪهڙو لاڀ؟ هندوستان جي ماڻهن جو گهڻو ڪري آڌار آهي کيتيءَ تي. کيتيءَ مان جيتري پيداش ٿي سگهي ٿي اوتري هندوستان ۾ کيتيءَ جي سراسري پيدائش گهڻو گهٽ آهي. ٻي ڳالهه اها ته هندوستان ۾ هنر به بلڪل ٿورا آهن. ملڪ آسودو تڏهن ٿئي جڏهن کيتيءَ سان گڏ هنر به زور هجن. هندستان ۾ هنر اڃا ٻالڪ اوستا ۾ مس آهن. انهن جي واڌاري لاءِ ميدان گهڻوئي ڪليل آهي پر هن زماني ۾ جيسين حڪومت دل وجان سان هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش نه ٿي ڪري تيسين وڌي نٿا سگهن. جيڪي ماڻهو وڌيا تن جو بوجو گهڻو ڪري وڃي پوندو کيتيءَ تي. انهيءَ جي معنيٰ ته هندوستان جي جنهن پيدائش مان اڳ ۾ ٣٢ ڪروڙ ماڻهو ڏکيا سکيا پلبا هوا، اٽڪل اوتري پيدائش مان ئي هاڻي ٣٥ ڪروڙ ماڻهو پلجڻا ن پوندا. اهو ڏيکاري ٿو ته ممڪن آهي ته هندستان ۾ آسودگي پاڻ ماڻهن جي واڌ ڪري اڳي کان گهٽ ٿي هجي.

## هندوستان ڳوٺن جو ملڪ

هندوستان آهي ڳوٺن جو ملڪ. شهر به منجهس آهن پر اولهه يورپ جي ملڪن جي ڀيٽ ۾ هندوستان ۾ شهرن ۾ رهندڙ آدم بلڪل ٿورو آهي. جنهن هنڌ پنجن هزارن کان وڌيڪ آدم رهي ٿو تنهن کي شهر سڏجي ٿو ۽ جتي ان کان گهٽ آهي ان کي ڳوٺ. ساري هندوستان ۾ شهرن جو تعداد آهي ٻه هزار پوڻا ڇهه سؤ، پر ڳوٺن جو تعداد آهي اٽڪل ست لک! شهرن ۾ ڪل ماڻهو رهن ٿا اٽڪل ٤ ڪروڙ ۽ ڳوٺن ۾ سڄا سارا ٣١ ڪروڙ، يعني ته شهري آدم ساري ديس جي ڪل آدم جو اٽڪل ١١ سيڪڙو آهي. انگلنڊ ۾ ڪل آدم جو ٨٠ سيڪڙو آدم شهرن ۾ رهي ٿو ۽ فرانس ۾ ٤٩ سيڪڙو. سڄي هندوستان ۾ ڪل رڳو ٣٨ شهر آهن جن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو رهن ٿا. هندوستان سچ پچ سکي تڏهن ٿيندو جڏهن هندوستان جا ڳوٺ سکيا ۽ آباد ٿيندا. هندوستان جي پڙهيلن ماڻهن جو ڳوٺن ڏي ايترو ڌيان ڪونه ٿو وڃي جيترو وڃڻ جڳائي. هو گهڻو ڪري رهن ٿا شهرن ۾، سو ڌيان به اوڏانهن ئي اٿن. جيسين هندوستان جا ڳوٺ سجاڳ نه ٿيا آهن تيسين ملڪ سجاڳ نه چئبو. انهيءَ ڪري هندوستان جي پڙهيلن ماڻهن کي گهرجي ته ڳوٺاڻن ڏي ڌيان ڏين.

جيئن ڌرمن جا ماڻهو حصي رسيءَ جي حساب کان گهٽيا آهن.

## جدا جدا ڌرمن جي ماڻهن جو تعداد

هر هڪ ڏهن هزارن ماڻهن ۾

| ڌرم | سال ١٩٢١ ۾ تعداد | سال ١٩٣١ ۾ تعداد | واڌ يا گهاٽ |
|---|---|---|---|
| هندو | ٦٨٥٦ | ٦٨٢٤ | ٣٢ گهاٽ |
| جين | ٣٧ | ٣٦ | ١ گهاٽ |
| ٻڌ | ٣٦٦ | ٣٦٥ | ١ گهاٽ |
| سک | ١٠٣ | ١٢٤ | ٢١ واڌ |
| پارسي | ٣ | ٣ | نه گهاٽ نه واڌ |
| ڪرستان | ١٥٠ | ١١٩ | ٢٩ واڌ |
| مسلمان | ٢١٧٤ | ٢٢١٦ | ٤٢ واڌ |
| يهودي | ١ | ١ | نه گهاٽ نه واڌ |

مٿين پٽيءَ مان اڻين نه سمجهڻ کپي ته هندن جي ڪل تعداد ۾ ڪا گهاٽ ٿي آهي. هندن جو ڪل تعداد ١٩٣١ ۾ ١٩٢١ کان وڌيڪ آهي. پر ڪل آدمشماريءَ جي سيڪڙي جي حساب جي لحاظ کان هندن ۾ ڪوٽ ٿي آهي. هندن جي انهيءَ ڪوٽ جا مکيه ڪارڻ آهن ننڍپڻ جون شاديون ۽ وڌوا وواهه جي بندش.

## زالن ۽ مردن جي ڀيٽ

هندوستان جي آدمشماريءَ جا انگ ڏيکارين ٿا ته اسانجي ديس ۾ مردن کان زالن جو تعداد گهٽ آهي. مرد آهن ١٨ ڪروڙ ۽ ١٨ لک، ته زالون آهن ١٧ ڪروڙ ۽ ڏهه لک. انهيءَ جي معنيٰ ته هڪ هزار مردن پٺيان هندوستان ۾ ٩٤١ زالون آهن. انهن انگن ۾ سڀني عمرن جا مرد ۽ زالون اچي وڃن ٿا. پر جيڪڏهن رڳو هڪڙي ورهيه جي اندر عمر جا ٻار ٿا وٺجن ته معلوم ٿو ٿئي ته ڇوڪرن کان ڇوڪريون وڌيڪ آهن. هڪ هزار اهڙن ڇوڪرن پٺيان هڪ هزار ۽ ٽيرهن ڇوڪريون آهن. انهيءَ جي معنيٰ ته جئن ٻارن جي عمر ۾ واڌ ٿي ٿئي ٿئن ڇوڪرين جو تعداد گهٽجي ٿو. ڏٺو ويو آهي ته سکن ۾ زالن جي گهٽڻي اڻاٽ آهي يعني ته انهن ۾ هزار مردن پٺيان فقط ٨٧٤ زالون آهن، مسلمانن ۾ ٩٠٤، هندن ۾ ٩٥٣ ۽ ڪرستانن ۾ ٩٥٢.

## عمر جي لحاظ کان ماڻهن جو تعداد

آدمشماريءَ جا انگ ڏيکارين ٿا ته هندوستان ۾ چاليهه سيڪڙو ماڻهو ١٠ ورهين جي اندر عمر جا آهن، پنجاهه سيڪڙو ١٥ کان پنجاهه ورهين جي عمر جا آهن ۽ ڏهه سيڪڙو ماڻهو پنجاهه ورهين کان مٿي عمر جا، هندن ۾ اهڙي نموني آهن ٣٩، ٥١ ۽ ١٠ سيڪڙو، مسلمانن ۾ ٤٢، ٤٩ ۽ ٩ سيڪڙو ۽ پارسين ۾ ٢٧، ٥٧ ۽ ١٦ سيڪڙو. اهي انگ ڏيکارين ٿا ته مسلمانن ۾ ننڍي عمر وارا هندن کان وڌيڪ آهن پر هو وڏي هوندي ايترو جٽاءُ نٿا ڪن. مسلمانن جي ڀيٽ ۾ هندن جي عمر وڌيڪ ٿي ٿئي. پر پارسين جي عمر هندن ۽ مسلمان ٻنهي کان وڌيڪ ٿي ٿئي. پارسين ۾ ماڻهو جمن ٿورا ٿا پر جيئن گهڻو وقت ٿا.

اٽڪل ٧ ڪروڙ ٥٦ لک آهن مرد. پر انهن انگن ۾ جدا جدا عمر جا سڀيئي زالون ۽ مرد اچي ويا يعني ته ٻارن جو انگ به انهن ۾ سمايل آهي. ٧ ڪروڙ ٥٦ لک مردن ۾ ١٥ ورهين تائي عمر جا ٻار ۽ جوان آهن ڪل ست ڪروڙ ١٠ لک. انهيءَ جي معنيٰ ته ٤٦ لک مرد ١٥ ورهين کان وڏيڪ عمر وارا بلڪل بيڪار وينا آهن، يعني ته اهي ڪجهه ڪونه ٿا ڪن. انهن انگن مان ائين نه سمجهڻ گهرجي ته انگلنڊ يا جرمني جي ڀيٽ ۾ هندوستان ۾ بيڪاري ٿوري آهي. مٿي ڏيکاريو اٿئون ته اٽڪل ١٥ ڪروڙ ٣٨ لک جيڪي ڪم ڪندڙ آهن تن مان ڪمائيندڙ رڳو ١٢ ڪروڙ ٥٢ لک آهن. انهي جي معنيٰ ته ٢ ڪروڙ ٦٨ لک ڪجهه ڪونه ٿا ڪمائين. انهن ۾ ٻه ڪروڙ زالون آهن ۽ باقي ٦٨ لک مرد. انهيءَ حساب موجب ڪل هڪ ڪروڙ ٣٢ لک مرد بلڪل ڪونه ٿا ڪمائين!! پر اهو انگ اسان انهي انومان تي ڪڍيو آهي ته ١٥ ورهين کان ننڍا بنهه ڪونه ٿا ڪم ڪن. پر درحقيقت ڏٺو ويو آهي ته ١٥ ورهين کان ننڍي عمر جا ٻار ڪارخانن ۾ توڙي کيتيءَ ٻين ڌنڌن ۾ لڳا اچن ٿا. پر انهن جي ڪل تعداد جي خبر ڪانهي. جيڪڏهن انهن کي ڌيان ۾ آڻي حساب ڪبو ته پوءِ ١٥ ورهين کان وڏيڪ عمر وارن نه ڪمائيندڙن مردن جو تعداد هڪ ڪروڙ ٣٢ لکن کان به مٿي ويندو. اها ته ٿي رڳو وڏن مردن جي بيڪاري. زالن ۽ ڪم ڪرڻ وارن ٻارن جي بيڪاري ونبي ته ڪي ڪروڙ ٿي ويندي.

## کيتيءَ ۽ ٻين ڌنڌن جي ڀيٽ

ڪم ڪندڙ ماڻهو جدا جدا ڌنڌن ۾ هيٺين ريت ورهايل آهن:-

| ڌنڌو | ڪم | ڪم | ڪل |
|---|---|---|---|
| ... | ڪندڙن | ڪندڙن | آدمشماري |
| ... | جو تعداد | ۽ آڌار | جو سيڪڙو |
| ... | لکن ۾ | رکندڙن جو | ... |
| ... | ... | کل تعداد | ... |
| ... | ... | لکن ۾ | ... |
| کيتيءَ مال جو | ١٠٣٣ | ٢٣٤٨ | ٦٧٤٠ |
| کاڻين جو | ٣ | ٥ | ٤١ |
| هنر ۽ ڪارخانا | ١٥٤ | ٣٤٢ | ٩٤٧ |
| ريلوايون جهاز ٻيڙيون موٽرون گاڏيون وغيره | ٢٣ | ٥٣ | ١٤٥ |
| واپار | ٧٩ | ١٨٨ | ٥٤٤ |
| لشڪر پوليس وغيره | ٨ | ١٧ | ٤٥ |
| سرڪاري نوڪري | ١٠ | ٢٨ | ٤٨ |
| ماستر پروفيسر ڊاڪٽر وڪيل وغيره | ٢٣ | ٥٩ | ١٤٧ |
| باقي ٻيا | ٢٠٥ | ٤٦٦ | ١٣٤٣ |

مٿيان انگ ڏيکارين ٿا ته کيتيءَ ۽ مال تي هندوستان جو ڪيترو نه آڌار آهي! کيتيءَ جي ڀيٽ ۾ هنر ته ڪجهه به ڪينهي. دنيا ۾ جيڪي به شاهوڪار

پڙهي نہ ڄاڻندڙن جو انگ هو تنهن کان پاڻ ١٩٣١ ۾ انگ وڌيل آهي. انهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي جو ماڻهن جي تعداد جي واڌاري سان تعليم جو واڌارو قدم ملائي نہ سگهيو آهي. ماڻهن جي واڌ گذريل ڏهن سالن ۾ ٽن ڪروڙن کان مٿي ٿي آهي پر لکي پڙهي ڄاڻندڙن جي واڌ ٿي آهي رڳو ٥٥ لک. انهيءَ ڪري سياويڪ لکي پڙهي نہ ڄاڻندڙن جو تعداد اڳي کان وڌيل آهي.

## مردن ۽ زالن جي ڀيٽ

مٿي لکي پڙهي ڄاڻندڙن جو سيڪڙو ساري هندوستان جي جملي ماڻهن جي حساب تي ڪيو ويو آهي پر جنهن صورت ۾ ٻار لکڻ پڙهڻ رواجي ريت پنجن ورهين جي عمر کان پوءِ ٿو سکي تنهن صورت ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙن جي ڀيٽ پنجن ورهين کان مٿي عمر وارن ماڻهن سان ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ حساب سان هيٺيان انگ ٿا ملن -

| | سال ١٩٢١ ۾ | سال ١٩٣١ ۾ |
|---|---|---|
| ٥ ورهين کان مٿي عمر وارن هڪ هزار ماڻهن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ | ٨٢ | ٩٥ |
| ٥ ورهين کان مٿي عمر وارن هڪ هزار مردن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ | ١٣٩ | ١٥٦ |
| ٥ ورهين کان مٿي عمر وارين هڪ هزار زالن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ | ٢١ | ٢٩ |

مٿيان انگ ڏيکارين ٿا تہ مردن جي ڀيٽ ۾ زالن ۾ لکڻ پڙهڻ جو انگ ڪيترو نہ ٿورو آهي! آهن تہ مرد بہ ڏاڍو جهالت ۾ اڙيل، پر زالون تہ هيڪاري.

## هندن ۽ مسلمانن جي ڀيٽ

حصي رسيءَ جي حساب سان هندن ۾ مسلمانن کان لکڻ پڙهڻ وڌيڪ آهي، جيتوڻيڪ تفاوت ڪو بلڪل گهڻو ڪونهي. هندن جي پنجن ورهين کان مٿي عمر وارن هر هڪ هزار مردن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ آهن ١۴۴ ۽ زالن ۾ ٢١ ۽ مسلمانن جي مردن ۾ آهن ١٠٧ ۽ زالن ۾ ١٥. گذريل ڏهن سالن ۾ حصي رسيءَ جي نظر کان مسلمانن ۾ پاڻ هندن کان لکڻ پڙهڻ وڌيو آهي، ڇو جو هندن ۾ هر هڪ هزار ماڻهن ۾ رڳو ٩ لکي پڙهي ڄاڻندڙ وڌيا پر مسلمانن ۾ ١١ وڌيا.

پورب سنديش مان هڪ ورق

# ٻڌ جو تياڳ

( ۱ )

ڪين ٿي ان سوڳ ۾ دک درد جي ٻڌ کي خبر،
منش دک سان ٿو جمي، دک ۾ موي دک ۾ گذر،
روڳ، بيماري رهي ۽ موت دنيا جي اندر،
عيش جي ماکيءَ اندر آهي لڪل قاتل زهر،
ماڪ جي قطري سمان ٿي زندگي انسان جي؛
سونهن ۽ نازڪ بدن آهي مٽي شمشان جي.

( ۲ )

ٻڌ ستل ڇاتيءَ يشوڌر لئي هيو مدهوش ۾،
پيار جي هٿڙن ڪرائي ننڊ ٿي آغوش ۾،
پر اچانڪ ڇرڪ ماري ۽ اٿي، چيو جوش ۾:-
”اي دنيا! تون ٿي سڏين، آهيان ستل سنتوش ۾،
اي دنيا جا روح مان تنهنجي اشاري تي اچان؛
هن نظاري کي ڇڏي تنهنجي نظاري تي اچان.“

( ۳ )

”اي مٺا ڇا ٿو ٿئيئي؟“ چيو يشوڌر پيار ۾
ڳالهه ٻڌ ٽاري ڇڏي ڪلندي ڪٿي انڪار ۾
ڏيو حڪم گوتم جو ”اڄ وينا وڄي سو تار ۾
راڳ جون لهرون لڳن ساري سندر سنسار ۾.“
سندرين کولي وڄايون شوق مان وينا ستار؛
راڳ ۽ آلاپ سان گوتم جي دل ٿي تار تار.

( ۴ )

سانت مٺ ساگر اندر اڄ راڳ سان گجگوڙ ٿيو،
۽ هوا سو سادت ٿيا وايو منڊل ۾ گوڙ ٿيو،

تـــي چمڪ بجلي سندي ۽ بادلن ۾ شور ٿيو،
قدرتي شڪتين وسيلي راڳ جو خود زور ٿيو،
سندرتن ۽ ٻين ٻـڌا وڄندا سريلا ساز ٿـي ۽
۽ وڳا ٻڌ جي ڪنن ۾ هـي وري آواز ٿـي:-

آواز

(٥)

آرام له ولڻ ٿيو - دک درد ۾ گهمڻ ٿيو
سنسار ۾ هلڻ ٿيو - هرگز نه سگهـ ملڻ ٿيو
ڏس زندگي جا ٻوٽا
آهن هوا جا جهوٽا

(٦)

جيوت مراد ڪهڙي؟ هي جهڳڙ مڳاد ڪهڙي؟
ٿي انت آد ڪهڙي؟ آهـي جڳاد ڪهڙي؟
جيوت عجيب ٻاچو
انسان غيب ٻاچو

(٧)

جي ٻوليو ڪـي ٻقا ٿـي جيوت مـز و سدا ٿـي
جيوت اصل هوا ٿـي ڪنهن کي نه ڪا جتا ٿـي
ڏ ڪندڙ ستار جا سر
آهن دنيا جـا منظر

(٨)

دک۔ تار مـان وڄون ٿا آواز ٿـي رلون ٿا
آليون اکيون ڏسون ٿا غمگين منهن پسون ٿا
سک۔ وس نه لوک اهي
هر دل ۾ شوک آهي

(٩)

جيوت شعاع آهي گـل جـان هڳاء آهـي
خالي نماء آهـي هڪ ڏينهن جناء آهـي
آهي عمر کي روکڻ
هلندڙ ککر کي روکڻ

(١٠)

نند مان سجاڳ ٿي تون دنيا جي واڳ ٿي تون
آنند جي ماڳ ٿي تون سک سانت راڳ ٿي تون
دنيا سڄي دکي ٿي
تنهنجي هٿان سکي ٿي

(١١)

ڪر ترڪ شان شوڪت ڇڏ موهه پريم اُلفت
تنهنجي سري فرحت دل ۾ نه آهي راحت
ويراڳ ۾ ٿي هستي
دنيا کي بخش مستي

(١٢)

آواز ٿي اچون ٿا تارن مٿان لڇون ٿا
ٿو لي اسين کلون ٿا جڳن جڳن وري وڃون ٿا
مايا ڇڏيئه ٻلائي
ٻاچن وڏءِ لائي

(١٣)

هي عجب آواز ٻڌندي ٻڌ سمايو خيال ۾،
ٿي پڇيو گوتم يشوڌر کان نه وسمه حال ۾:-
”آدما تون ٿين دکي ڇا؟ جيوتي جنجال ۾،
اڻ ڳڻيا انسان دک ۾ دک رهي هر ڪال ۾،
مان دکي دردي دلين جي ڪا ڪندس واهر ضرور،
دک ندي مان ٻڏندڙن کي مان ڪيدان ٻاهر ضرور“

(١٤)

”شام جو سج جي جڏهن اولهه سواري ٿو ڏسان،
ديس جنهن ۾ ٿو وڃي تنهن ديس جا ماڻهو ٻسان.
دل اندر اڻ تڻ اهائي ديس ان ۾ ڪڏهن رسان،
تنهنجي ٻاسي ۾ رهڻ سان ڪين ٿو هاڻي هسان،
چاشني تنهنجي ڇپن جي دک مٽائي ڪين ٿي؛
بار غم جو دل مٿان سا ٿي هٽائي ڪين ٿي.“

(١٥)

”گرهڻ منهنجي بدن تي ۾ ٻڪڙي جا ڪٽي،

# پرڻ سڄاڻ

## ڪافي (١)

معنوي وجودي ڪر صحيح آهين سدا موجود تون
ڪنهن جي عبادت تو ڪرين ساڳو آهين معبود تون
١- ڪاڏي ڪرين تون ٿو قصد دارين جو مقصود تون
سر معنوي پنهنجو سمجهه ملڪن سندو مسجود تون
٢- ڇڏ سڌ بهشتي باغ جي ملڪوت ۾ مشهود تون
غزني جو هند چو ٿو پڇين مورون ملڪ محمود تون
٣- بيدل بره اختيار ڪر جي تو گهرين بهبود تون
ڏوهون ثوابون کج گذر آهين سمورو سود تون

( بيدل فقير )

## ڪافي (٢)

تون نه جو آهين سو آهين

١- جاءِ بجاءِ آ جهاتي پاتي ڪاٿي ڪنهنجو تون ناهي
٢- حاضر ناظر هر رنگ هر جا ناهه عجائب تاهين
٣- ناتو نشان نه ڪوئي تنهنجو سهسين نانءُ سڏائين
٤- عشق حسن جو جامون پهري صورت منجهه سمائين
٥- ڪاٿي لاهي لاڳاپا لالن پير پڌر ٿو پائين
٦- ڪاٿي بيدل ٿي عالم ۾ پنهنجي ذات ڇپائين.

( بيدل فقير )


BUILT TO LAST
ويسٽ اينڊ جو نئون "انڊ" گهنٽي
سان گهڙيال صفا ۽ سهڻو. هي
خاص هن ملڪ لاءِ ناهيو ويو آهي.
مشنري تمام مضبوط اٿس.
جهالائو ۽ نهڻي ۽ ٻي عيب.
گهنٽي لاڳيتو هڻي ٿو ۽ رکي
رکي به هڻي ٿو. "انڊ" گهڙيال
خريد ڪريو ڇو ته هي سستو
سودو آهي ۽ گارنٽي ٿيل آهي
POWERFUL 30-HOUR MOVEMENT
خبردار - ويسٽ اينڊ واچ ڪمپني
جو نالو سچو ڊائل تي ۽ "ڊبليو"
ستار مارڪ پليٽ تي ڏسو.
WEST END "IND" ALARM
ڊي "انڊ" گهنٽي سان ارڊيڪ
ڊائل ٧ روپيه ريڊيم ڊائل ٨ روپيه
مفت ڪيٽالاگ لاءِ لکو.
ويسٽ اينڊ واچ
۽ ڪو
بمبئي ۽ ڪلڪتا
WEST END WATCH Cº
IND
CONTINUOUS INTERMITTENT ALARM
WEST END WATCH Cº
BOMBAY CALCUTTA